شیخِ طریقت امیرِ اہلسنّت بانیِ دعوتِ اسلامی حضرت علّامہ مولانا ابو بلال

محمد الیاس عطّار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

رسالو نمبر: 7

(تخریج شده)

# پُر اسرار خزانو

سنڌي ترجمو

هن رسالي ۾ ...............
لاجواب خزانو
جهنّم جون سختيون
جهنّم جا خطرناڪ نانگ
ٻلن کي چيرڻ جو عذاب
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے (نظم)
......وغيره ملاحظہ فرمايو


مکتبۃ المدینہ
فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران پرانی سبزی منڈی باب المدینہ کراچی پاکستان فون: 4921389-95/412699 فیکس: 4125858
Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهي ڇڏيو)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

13 شوال المڪرم 1428ھ

رسالي جو نالو: **پراسرار خزانو**

تاريخ اشاعت: ربيع الاول 1441ھ، نومبر 2019ع

تعداد: -

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي.

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.

## ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# پر اسرار خزانو

هي رسالو ”پر اسرار خزانہ“ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطار قَادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)

**رابطي جي لاءِ:**

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز
فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# پُراسرار خزانو*

گهڻو ڪري شيطان توهان کي هي رسالو پورو پڙهڻ نه ڏيندو
پر ڪوشش ڪري پورو پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو..

## درود پڙهڻ واري جي حڪايت

**حضرت** سيّدُنا محمد بن سعيد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سمهڻ کان اڳ ۾ هڪ مقرر تعداد ۾ دُرُود شريف پڙهندا هئا. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جڏهن دُرُود شريف پڙهي رات جو سُمهي پيس ته قسمت ناز منجهان جاڳي پئي. مان جنهن مني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڙهندو آهيان اهي ئي مديني وارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف وٺي آيا، ۽ فرمايائون، ”جنهن وات سان توهان مون تي دُرُود پڙهندا آهيو اهو وات منهنجي ويجهو ڪريو ته جيئن مان ان کي چُمان.“ اهو ٻُڌي مون کي ڏاڍو شرم آيو، ته مان پنهنجو وات سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وات مبارڪ جي ويجهو ڪيئن ڪريان؟ مون پنهنجو ڳل سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سامهون ڪيو ۽ رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن نهايت

---

*اَلْحَمْدُ لِلّٰہ جمعي جي رات (10 جمادي الاوليٰ 1418) تي اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جو بيان ام القَيوِين الامارات العربية المتحدة مان ٽيليفون جي ذريعي مرڪز الاولياء لاهور ۾ ٻن جڳهن تي رليز ٿيو، ۽ اتان کان مصطفيٰ آباد، مندي فاروق آباد، شيخوپوره، شڪرڳڙهه، اوڪاڙه، ضياڪوٽ ۽ چيچه وطني ۾ رليز ٿيو جتي هزارين اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن هي بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، جيڪو ضروري ترميم سان تحريري طور تي خدمت ۾ حاضر آهي. (**مجلس مڪتبة المدينه**)

شفقت سان ان تي چُمي ڏني. جڏهن آءُ سُجاڳ ٿيس ته سڄو گهر مُشڪبار ٿي رهيو هو. ۽ منهنجو ڳل انن ڏينهن تائين خوب خوشبودار رهيو. (القول البديع ص 130 طبعة دارالكتب العلميه بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جا آداب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نگاهون هيٺ ڪري توجهه سان بيان ٻُڌو جو لاپرواهيءَ سان هيڏي هوڏي، يا پوئتي ڪنڌ ورائي ڏسندي، زمين تي آڱر سان ڪيڏندي، پنهنجي ڪپڙن يا وارن کي ناهيندي، ڳالهيون ڪندي يا ٽيڪ لڳائي ٻُڌڻ سان ۽ پڻ اڌورو بيان ٻُڌي ڪري هليو وڃڻ سان ان جون بَرَڪتون گهٽجي وڃڻ جو انديشو آهي. بي توجهي سان قرآن ۽ سنّت جي ڳالهه ٻُڌڻ مسلمانن جي صفتن مان ناهي. ”سورة الانبياء“ جي ٻي ۽ ٽين آيت سڳوري ۾ ارشادِ رباني آهي:

مَا یَاْتِیْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ
اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَ هُمْ یَلْعَبُوْنَ ۙ﴿۲﴾ لَاهِیَةً قُلُوْبُهُمْ ؕ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالِمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و بَرَڪت، حضرتِ علامه الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مشهور ترجمهءِ قرآن ”ڪنزالايمان“ ۾ ان جو

ترجمو هيئن ڪن ٿا: ”جڏهن انهن جي ربّ عَزَّوَجَلّ وٽان انهن ڪي ڪا نئين نصيحت اچي ٿي ته ان کي نه ٿا ٻُڌن پر راند ڪندي انهن جون دليون راند جي غفلت ۾ آهن.“

# يتيمن جي پت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا خضر عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جو مشهور قرآني واقعو جيڪو پندرهين سيپاري کان شروع ٿي سورهين سيپاري ۾ ختم ٿئي ٿو. ان ۾ اهو به آهي ته حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا خِضَر عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ شهر ۾ تشريف وٺي ويا. اتان جي رهواسين هنن جي نه مهمان نوازي ڪئي ۽ نه ئي ڪاڏو حاضر ڪيائون. حضرتِ سيّدُنا خِضَر عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اتي هڪ پُراڻي پت جيڪا ڪِرڻ تي هئي ان کي ٺاهي صحيح ڪيو. اهڙن ماڻهن جن پاڻي جو به نه پُڇيو انهن وٽ پت کي ٺاهڻ جو ڪم تعجب ۾ وجهندڙ هو. تنهنڪري حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن حضرتِ سيّدُنا خِضَر عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو،”توهان جيڪڏهن چاهيو ها ته انهن ماڻهن کان ڪجهه مزدوري ئي وٺو ها. حضرت سيّدُنا خِضَر عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن فرمايو، اها پِت ٻن يتيمن جي آهي جيڪي هڪ نيڪ شخص جو اولاد آهن ۽ ان جي هيٺان خزانو آهي. جيڪڏهن پِت ڪِري پوي ها ته خزانو ظاهر ٿي پوي ها ۽ ماڻهو ڪٽي وڃن ها. تنهنڪري توهان جي ربّ عَزَّوَجَلّ چاهيو ته اهي ٻار جوان ٿي خزانو ڪڍن. انهن جي نيڪ پيءُ جي صدقي انهن تي به رحمت ٿي. مفسرينِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله فرمائن ٿا، ”اهو

نيڪ شخص انهن ٻارن جو ستين يا ڏهين پيڙهيءَ ۾ پيءُ هيو.
(تفسير صاوي ج 4 ص 33 دارالڪتب العلميه بيروت)

## لاجواب خزانو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هتي انهن جي پيءُ جي نيڪيءَ جو لحاظ فرمايو ويو. جڏهن ته انهن ٻارن جي نيڪيءَ جو تذڪرو ناهي. يعني اهي ٻار نيڪ هجن يا نه هجن پر انهن جو پيءُ ته نيڪ ۽ پرهيزگار هيو تنهنڪري انهن جو لاجواب خزانو محفوظ رکيو ويو. سيّدُنا عبد الله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا، ”بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ انسان جي پرهيزگاريءَ جي ڪري ان جي اولاد ۽ ان جي اولاد جي اولاد جي به اصلاح فرمائيندو آهي ۽ ان جي نسل ۽ ان جي پاڙي وارن ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهي سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پردي ۽ اَمان ۾ رهندا آهن.“ (الدر المنثور ج 5 ص 422 دار الفڪر بيروت)

حضرتِ صدر الافاضل مولانا محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ”الله عَزَّوَجَلَّ هڪ نيڪ مسلمان جي بَرَڪت سان ان جي پاڙي جي 100 گهرن جي مصيبت دور فرمائيندو آهي.“ سُبْحٰنَ اللّٰـه نيڪن جو قرب به فائدو پهچائيندو آهي. (خزائن العرفان ص 66 ممبئي)

## ست عبرتناڪ عبارتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته نيڪ ماڻهن جي بَرَڪت سان انهن جي اولاد بلڪ پاڙي وارن کي به فائدو پهچندو آهي ته نيڪ ماڻهو ڪيڏو نه پلو هوندو آهي جو ان جي فيض ۽ برڪتن سان نه ڄاڻ

ڪيترا ماڻهو فيضياب ٿيندا آهن. هينئر جنهن لاجواب خزاني جو ذڪر ٿيو”سورة الڪهف“ سيپاري 16 جي آيت 82 ۾ ان جو تذڪرو هن ريت آهي.

وَ كَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَ كَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًاۚ

**ترجمو ڪنزالايمان**: ان جي هيٺان انهن جو خزانو هو ۽ انهن جو پيءُ نيڪ ماڻهو هو.

هن آيت جي تحت حضرتِ سيّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا، اهو خزانو سون جي هڪ تختيءَ تي مشتمل هو ۽ ان تي هي ست عبرتناڪ عبارتون لکيل هيون.

﴿1﴾ ان شخص جو حال عجيب آهي جيڪو موت جو يقين رکڻ جي باوجود کِلي ٿو.

﴿2﴾ ان شخص تي تعجب آهي جيڪو دنيا کي فنا ٿيڻ واري تسليم ڪرڻ جي باوجود ان ۾ مطمئن ۽ مشغول آهي.

﴿3﴾ ان شخص تي حيرت آهي جيڪو تقدير تي ايمان رکڻ جي باوجود دنيا (جون نعمتون) نہ ملڻ تي غمگين ٿيندو آهي. ﴿4﴾ ڪيڏو عجيب آهي اهو ماڻهو جنهن کي يقين آهي تہ قيامت ۾ ذري ذري جو حساب ڏيڻو آهي ان جي باوجود دنيا جي دولت گڏ ڪرڻ جي ڌُن ۾ رهي ٿو. ﴿5﴾ حيرت آهي ان شخص تي جيڪو جهنّم کي سخت ترين عذاب جي جڳهہ تسليم ڪرڻ جي باوجود گناهن کان پري نہ ٿو ٿئي. ﴿6﴾ عجيب آهي اهو شخص جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ کي سُڃاڻڻ جي

باوجود غيرن جو تذڪرو ڪندو تو رهي. ﴿7﴾ تعجب آهي ان تي جيڪو اهو ڄاڻي ٿو تہ جنّت ۾ نعمتون ئي نعمتون آهن پوءِ بہ دنيا جي راحتن ۾ گم آهي. اهڙيءَ طرح ان جو حال بہ عجيب آهي جيڪو شيطان کي جان ۽ ايمان جو دشمن ڄاڻيندي بہ ان جي پيروي ڪري ٿو. (المنبهات علي الاستعداد للعسقلاني ص 83 قندهار)

## موت جو يقين ۽ ڪلڻ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انهن ٻن يتيمن جي لاجواب خزاني تي انهن ست عبرتناڪ عبارتن جو پُراسرار خزانو بہ ڪافي عبرتناڪ آهي. اهو پُراسرار خزانو اسان کي عبرت جا مُشڪبار مدني گل پيش ڪري رهيو آهي. واقعي موت جو يقين رکڻ وارن جو کلڻ تعجب ۾ وجهندڙ آهي، دنيا کي فاني مڃڻ جي باوجود ان ۾ مطمئن رهڻ حيرت انگيز آهي، تقدير تي يقين رکڻ جي باوجود دنيا جو مال نہ ملڻ يا نقصان ٿيڻ تي هاءِ گهوڙا ڪرڻ حيرتناڪ آهي، جيترو مال وڌيڪ آهي اوترو وَبال بہ وڌيڪ ٿيندو، ۽ قيامت ۾ حساب ڪتاب بہ وڌيڪ ٿيندو. اهو يقين رکڻ جي باوجود هر وقت ان سوچ ۾ رهڻ تہ بس ڪيئن بہ دولت ۾ اضافو ٿئي. هتي ڪاروبار آهي تہ اتي بہ برانچ کُلي وڃي. اهڙي ڌُن ۾ مست رهڻ واري تي ڇو حيرت نہ ٿئي جو جڏهن ان کي اها خبر آهي تہ قيامت جي ڏينهن مون کي ذري ذري جو حساب ڏيڻو پوندو. آخر پوءِ بہ هو ايتري دولت ڇو گڏ ڪندو تو وڃي؟ ان کي مال ۽ دولت جي لالچين جي عبرتناڪ انجام کان عبرت

حاصل ڇو نہ ٿي ٿئي؟ سياڻي قيامت جي سخت اُس ۾ ايتري مال ۽ دولت جو حساب ڪيئن ڏئي سگھندو؟

## جھنم جون سختيون

اھو ٻانھو بہ ڪيڏو عجيب آھي جيڪو اھو ڄاڻي ٿو تہ دوزخ سخت ترين عذاب جي جاءِ آھي پوءِ بہ گناھ ڪري ٿو. **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جھنّم ڪي جيڪڏھن سُئيءَ جي سوراخ جي برابر بہ کوليو وڃي تہ ان جي تپش کان سڄي مخلوق مري وڃي. (معجم اوسط ج 2، ص 78 حديث2566) جھنّمين کي جيڪو مشروب پيئڻ جي لاءِ ڏنو ويندو اھو ايتريقدر خطرناڪ آھي جو جيڪڏھن ان جو ھڪ ڏول دنيا ۾ ھاريو وڃي تہ دنيا جو سڄو فصل تباھ ٿي وڃي نہ اناج ڦٽي ۽ نہ ئي ميوا. جھنّم جا نانگ ۽ وِڇون تمام خطرناڪ آھن. حديث شريف ۾ آھي، جھنّم ۾ عجمي اُٺن جي ڪنڌ جيڏا وڏا نانگ ھوندا جيڪي دوزخين کي ڏنگيندا، اھي اھڙا تہ زھريلا ھوندا جو جيڪڏھن ھڪ ڀيرو ڏنگين تہ چاليھہ سالن تائين انھن جي زھر جي تڪليف نہ ويندي، ۽ لگام لڳل خچرن جي برابر وڏا وڏا وِڇون جھنّمين کي ڏنگيندا رھندا، ھڪ ڀيرو ڏنگڻ جي تڪليف چاليھہ سالن تائين باقي رھندي.“ (مسند امام احمد ، حديث 17729 ج 1 ص 16 دارالفڪر بيروت)

ترمذي جي روايت ۾ آھي، جھنّم ۾ ”صَعُود“ نالي باھ جو پھاڙ آھي. جنھن ۾ ڪافر جھنّمين کي ان تي ستر سالن تائين چڙھايو ويندو. پوءِ مٿان کان انھن کي ڪيرايو ويندو تہ ستر سالن ۾ اھي ھيٺ پھچندا اھڙيءَ طرح ھميشہ انھن کي عذاب ڏنو پئي ويندو.“

(جامع ترمذي حديث 2585 ج 4 ص 260 دار الفڪر بيروت) جهنّم جي اهڙن خوفناڪ عذابن جو تذڪرو ٻُڌڻ جي باوجود بہ جيڪو گناهن کان پري نہ رهي ان تي بہ واقعي تعجب آهي. آخر انسان کي هيءَ دنيا ڇا ڏيندي جو ان جي رنگينين ۾ گم ۽ ان جي ڦرلٽ ۾ مصروف آهي.

## جهنم جا خطرناڪ ڪاڏا

ذائقيدار ڪاڏا مزي سان ڪائڻ وارن کي جهنّم جي ديڄاريندڙ ڪاڏن کي نہ وسارڻ کپي! ترمذي جي روايت ۾ آهي، دوزخين تي بُک مسلط ڪئي ويندي ۽ اها بُک انهن سيني عذابن جي برابر ٿي ويندي جن ۾ اهي مبتلا آهن، اهي فرياد ڪندا تہ انهن کي باھ جي ڪنڊن وارو ڪاڌو ڏنو ويندو، جيڪو نہ ٿلهو ڪندو نہ ئي بُک کان ڇوٽڪارو ڏيندو. وري اهي ڪاڌو گهرندا تہ انهن کي نڙيءَ ۾اٽڪڻ وارو ڪاڌو ڏنو ويندو پوءِ انهن کي ياد ايندو تہ اهي دنيا ۾ اٽڪڻ واري گرھ کي پاڻيءَ سان گيهندا هئا. اهڙيءَ طرح اهي پاڻي گهرندا تہ انهن کي لوھ جي ٻالٽن مان ٽهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو جڏهن اهو انهن جي وات جي ويجهو ٿيندو تہ انهن جا وات پُچي ڇڏيندو پوءِ انهن جي پيٽ ۾ داخل ٿيندو تہ انهن جي پيٽن جي هر شيءِ ڪٽي ڇڏيندو.“ (جامع ترمذي حديث 2595 ج 4 ص 263 دار الفڪر بيروت) هڪ بي حديث شريف ۾ آهي، ”زقوم (يعني ٿوهڙ جيڪو دوزخين کي کارايو ويندو) جو هڪ قطرو جيڪڏهن دنيا تي ڳڙي پوي تہ دنيا وارن جي کائڻ پيئڻ جي سمورين شين کي (ڪَڙو ۽ بدبودار بڻائي) خراب ڪري ڇڏي.“ (ابنِ ماجه حديث 4325 ج 4 ص 531 دار المعرفة بيروت) آھ! جهنّم ۾

اهڙو سخت عذاب ٿيڻ جي باوجود آخر انسان گناهن تي ايترو دلير
ڇو آهي؟

## ڪوڙي جون ڄاڙيون چيريون پئي ويون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوفِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪي وڃو! ۽ پنهنجي گناهن کان توبهه ڪري وٺو! اسان جي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: خواب ۾ هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ چيائين مون سان گڏ هلو! مان ان سان گڏ هلي پيس، مون ٻه ماڻهو ڏٺا، انهن مان هڪ شخص بيٺل هو ۽ ٻيو ويٺل هو بيٺل شخص جي هٿ ۾ لوهي سيخ هئي جنهن کي اهو ويٺل شخص جي هڪ ڄاڙيءَ ۾ وجهي ان کي ڪياڙي تائين چيري پيو ڇڏي وري اها لوهي سيخ ڪڍي ٻي ڄاڙيءَ ۾ وجهي چيري پيو ڇڏي، ايتري ۾ ڦرين واري ڄاڙي پنهنجي اصلي حالت تي موٽي پئي اچي، مون وٺي اچڻ واري شخص کان پڇيو: هي ڇا ماجرو آهي؟ ان چيو: هي ڪوڙو شخص آهي ان کي قيامت تائين قبر ۾ اهو ئي عذاب ڏنو ويندو. (مساوي الاخلاق للخوائطي ص 76حديث 131).

## پنهنجن ڇهرن ۽ سينن کي ڇِٽي رهيا هئا

معراج واري رات، سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙن ماڻهن وٽان گذريا جيڪي ٽامي جي ننهن سان پنهنجي ڇهرن ۽ سينن کي ڇِٽي رهيا هئا. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي استفسار (يعني پُڇڻ) تي عرض ڪيو ويو، ”هي ماڻهو انسانن جو گوشت کائڻ وارا (يعني غيبت ڪرڻ) ۽ ماڻهن جي بي عزتي ڪرڻ وارا هئا.“ (ابو داود حديث 4878 ج 4 ص 291 دار الفڪر بيروت)

# زندگي مختصر آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً زندگي تمام مختصر آهي عنقريب اسان جي ساهه جي مالها ٽُٽي ويندي ۽ اسان جا ناز نخرا سهڻ وارا اسان کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي ويران قبرستان ڏانهن هلي پوندا. افسوس جو اسان جون اميدون خاڪ ۾ ملي وينديون. اسان جي پڪهر ۽ رت جي ڪمائي نه اسان جي هٿ ايندي نه اسان جي ڪم ايندي.

بے وفا دنیا پہ مت کر اعتبار    تو اچانک موت کا ہو گا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ!    جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!

گر جہاں میں سو برس تو جی بھی لے
قبر میں تنہا قیامت تک رہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب    صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# آه! مستقبل جو نوجوان ڊاڪٽر!

سردارآباد (فيصل آباد) جي ميڊيڪل ڪاليج جي آخري سال جو هڪ تمام ذهين شاگرد پنهنجي دوستن سان گڏ پڪنڪ (يعني سير ۽ تفريح) لاءِ نڪتو. پڪنڪ پوائنٽ (يعني تفريح گاهه) تي پهچي ان جو دوست نديءَ ۾ ترڻ لاءِ لٿو پر ٻُڏڻ لڳو، مستقبل جي ڊاڪٽر ان کي بچائڻ جي ارادي سان جذبات ۾ اچي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو، هو تارو نه هيو ئي نه ٺنهڪري پاڻ به ڦاسي پيو. قسمت جي ڳالهه جو

ان جو دوست تہ جيئن تيئن ڪري نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر آھ! مستقبل جو ڊاڪٽر ويچارو ٻُڏي موت جي منهن ۾ هليو ويو. روج راڙو پئجي ويو، پيءُ ماءُ جي ڪراڙپ جو سهارو پاڻيءَ جي موجن جي حوالي ٿي ويو، ماءُ پيءُ جا خوبصورت خواب پورا نہ ٿي سگهيا ۽ اهو ويچارو ذهين شاگرد **M.B.B.S** جي فائنل امتحان جو نتيجو هٿ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي قبر جي امتحان ۾ مبتلا ٿي ويو.

ملے خاک میں اہل شاں کیسے کیسے
مکیں ہو گئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے
زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## گهرن جي حڪايت

حضرتِ سيّدُنا صالح مرقدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو گذر ڪجهہ عاليشان گهرن وٽان ٿيو. تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون: اي عاليشان عمارتو! اهي ماڻهو ڪٿي آهن جن توهان ڪي تعمير ڪيو ۽ اهي ماڻهو ڪيڏانهن ويا جن سڀ کان اڳ ۾ توهان کي آباد ڪيو ۽ اهي ماڻهو ڪيڏانهن وڃي لِڪيا جيڪي سڀ کان اڳ ۾ توهان جي اندر رهائش پذير هئا؟" اهي گهر پلا ڪيئن جواب ڏين ها! غيب مان هڪ آواز گونجڻ لڳو، "جيڪي ماڻهو پهريان هنن گهرن ۾ رهندا هئا انهن جا نالا ۽ نشان مِٽجي ويا هاڻي انهن جو نالو وٺڻ وارو ڪوبہ باقي نہ رهيو، انهن

جا جسم خاڪ ۾ مِلي ويا ۽ انهن جا عمل انهن جي ڳچيءَ جو هار (ٻڌجي ويا) آهن.“ (المنبهات علي الاستعداد للعسقلاني ص 19)

اونچے اونچے مکان تھے جن کے　　تنگ قبروں میں آج آن پڑے
آج وہ ہیں نہ ہیں مکاں باقی　　نام کو بھی نہیں ہے نشاں باقی

## اسان جي بيڪار سوچ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه وارن جي ﺑﻪ ڪهڙي ﻧﻪ خوب مدني سوچ هوندي آهي جو انهن عاليشان گهر ڏسي ڪري انهن مان عبرت جو سامان حاصل ڪيو ۽ هڪڙا اسان آهيون جو جيڪڏهن عاليشان گهر، ماڙيون ۽ بنگلا ڏسندا آهيون ته لاپرواهيءَ جو شڪار تي ويندا آهيون، انهن جي سجاوٽن جو نظارو ڪندا آهيون، انهن ماڙين کي رشڪ جي نظر سان ڏسندا آهيون،انهن جي مضبوطيءَ تي تبصرا ڪندا آهيون، انهن جي مُلهه جو اندازو لڳائيندا آهيون ۽ نه ڄاڻ ڪيتري فضول ڳالهين ۾ مبتلا تي ويندا آهيون. ڪاش!اسان کي ﺑﻪ مدني سوچ نصيب ٿئي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جنهن ناپائيدار گهر کي حاصل ڪرڻ جي خاطر اڄ اسان ذليل ۽ خوار تي رهيا آهيون ان کي بقا ﻧﻪ آهي. ان جي ظاهري رنگيني ۽ شادابيءَ تي مست ٿيڻ وارؤ! ياد رکو!

گرچہ ظاہر میں مثلِ گل ہے　　پر حقیقت میں خار ہے دنیا
ایک جھونکے میں ہے ادھر سے اُدھر　　چار دن کی بہار ہے دنیا

## ۾ خوفناڪ شيون

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي،”جن شين کان مان پنهنجي امت تي خوف کيان ٿو انهن مان وڏيڪ خوفناڪ نفساني خواهش ۽ ڊگهي اميد آهي. نفساني خواهش حق کان روڪي ڇڏيندي آهي ۽ ڊگهي اميد آخرت کي وساري ڇڏيندي آهي. هي دنيا موڪلائي وڃي رهي آهي ۽ آخرت ويجهو اچي رهي آهي. انهن ٻنهي (دنيا ۽ آخرت) مان هر هڪ جو اولاد (تابعدار) آهي. جيڪڏهن توهان اهو ڪري سگهو جو دنيا جا پار نہ ٻڻجو تہ ائين ئي ڪريو ڇوتہ اڄ توهان عمل جي جاءِ تي آهيو جتي حساب ناهي ۽ سڀاڻي توهان آخرت جي گهر ۾ هوندؤ جتي عمل نہ هوندو.“ (شعب الايمان حديث 10616، ج 7 ص 370 دار الڪتب العلميه بيروت)

## عاليشان گهروارن جو انجام

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي نفساني خواهشن ۽ ڊگهين اميدن جون تباهہ ڪاريون اڄ بلڪل واضح آهن. **اَبناءِ دنيا** (يعني دنيا جي پُٽن) جي گهڻائي هر جاءِ تي آهي جو دنيا سان محبت جو تہ هر هڪ دعويدار نظر اچي رهيو آهي. پر آخرت جي محبت نظر نہ ٿي اچي، هر هڪ دنيا جو مستقبل روشن ڪرڻ جي شوق ۾ مشغول نظر اچي رهيو آهي. هر هڪ انهيءَ فڪر ۾ آهي تہ جيتري ٿي سگهي اوتري دولت گڏ ڪئي وڃي، جيترو ٿي سگهي سنڌون حاصل ڪيون وڃن، جيترو ٿي سگهي دنيا جا پلاٽ حاصل ٿي وڃن. اي دنيا ۾ عاليشان گهر حاصل ڪرڻ جا طلبگارو!توهان دل جي ڪنن

سان ٻُڌو قرآنِ پاڪ ڇا چئي رهيو آهي! جيئن ته پنجويهين سيپاري، سورة دخان جي آيت 25 کان 29 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿۲۵﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿۲۶﴾ وَّ نَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ﴿۲۷﴾ كَذٰلِكَ ۫ وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿۲۸﴾ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَ الْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ﴿۲۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ڪيترائي ڇڏي ويا باغ ۽ چشمان ۽ پوکون ۽ سٺيون جايون ۽ نعمتون جن ۾ بي فڪر گذاريندا هئا. اسان ائين ئي ڪيو ۽ انهن جو وارث ٻي قوم کي ڪيو پوءِ انهن تي نه آسمان رنو ۽ نه زمين ۽ انهن کي مهلت ڏني وئي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان غور فرمايو؟ عاليشان گهر ناهڻ وارا، خوبصورت باغ لڳائڻ وارا ۽ سرسبز فصل پوکڻ وارا اوچتو دنيا مان موڪلائي ويا، ۽ انهن جي ڇڏيل ملڪيت جو ٻين کي وارث بڻايو ويو، نه انهن تي زمين رُني ۽ نه آسمان، ۽ نه ئي انهن کي مهلت ڏني وئي. انهن جا نالا نشان مِٽايا ويا، انهن جا تذڪرا ختم ٿي ويا، بس هاڻي اهي آهن ۽ انهن جا عمل، ته اها دنيا رُڳو عبرت ئي عبرت آهي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے
جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے — مکیں ہو گئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے — زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

اجل نے نہ کسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا — اسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا
ہر اک لیکے کیا کیا نہ حسرت سدھارا — پڑا رہ گیا سب یونہی ٹھاٹھ سارا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

یہی تجھ کو دھن ہے رہوں سب سے بالا — ہو زینت نرالی ہو فیشن نرالا
جیا کرتے ہے کیا یونہی مرنے والا — تجھے حسنِ ظاہر نے دھوکے میں ڈالا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی — جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اجل بھی
بس اب اپنے اس جہل سے تو نکل بھی — یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

نہ دلدادہ شعر گوئی رہے گا — نہ گرویدہ شہرہ جوئی رہے گا
نہ کوئی رہا ہے نہ کوئی رہے گا — رہے گا تو ذکر نکوئی رہے گا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

جب اس بزم سے اٹھ گئے دوست اکثر		اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر
یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر		یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیوں کر

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

جہاں میں کہیں شورِ ماتم بپا ہے		کہیں فقر و فاقے سے آہ و بکا ہے
کہیں شکوہ جور و مکر و دغا ہے		غرض ہر طرف سے یہی بس صدا ہے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

تجھے پہلے بچپن نے برسوں کھلایا		جوانی نے پھر تجھ کو مجنوں بنایا
بڑھاپے نے پھر آ کے کیا کیا ستایا		اجل تیرا کر دے گی بالکل صفایا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

بڑھاپے سے پا کر پیامِ قضا بھی		نہ چونکا، نہ چیتا، نہ سنبھلا ذرا بھی
کوئی تیری غفلت کی ہے انتہا بھی		جنوں کب تلک؟ ہوش میں اپنے آ بھی

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

یہ فانی جہاں ہے مسلمان تجھ کو		کرے گی یہ دنیا پریشان تجھ کو
پھنسا دیگی مرقد میں نادان تجھ کو		کرے گی قیامت میں حیران تجھ کو

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

# ڪري وٺ توبھ رب پاڪ جي رحمت وڏي آھي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏھن اھو شور مچي وڃي ٿو تہ ھن جو انتقال ٿي ويو آھي. ھاڻي غسّال (يعني غسل ڏيندڙ) کي گھرايو اھڙيءَ طرح غسّال تختو کڻي اچي رھيو ھوندو، غسل ڏنو ويندو....... ڪفن پارايو ويندو.......پوءِ اونداھي قبر ۾ لاٿو ويندو. ان کان اڳ ۾ ئي مچي وڃو، جلدي جلدي توبھ ڪري وٺو. اجان بہ توبھ جو وقت آھي.

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شھنشاھِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آھي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو. (ابن عساڪر ج 9، ص343)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاڏي ڪائڻ جا 32 مدني گل

❖ ڪاڏو ڪائڻ جو مقصد لذت حاصل ڪرڻ نہ ھجي، بلڪ ڪائڻ مھل ھي نيت ڪري وٺو "مان اللّٰه تعاليٰ جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪائي رھيو آھيان" ❖ دعوت اسلامي جي

اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1247 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" جلد 3 حصو16 صفحو 374 تي آهي: بک کان گهٽ کائڻ گهرجي ۽ جيتري بک آهي اوترو کاڌو کائڻ مباح آهي يعني نہ ثواب آهي نہ گناهہ، ڇوجو ان جو بہ صحيح مقصد تي سگهي ٿو جو ان سان طاقت وڌيڪ ٿيندي. ۽ بک کان وڌيڪ کائڻ حرام آهي. وڌيڪ کائڻ جو مطلب اهو آهي تہ ايترو کائي ونڻ جنهن سان پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان ٿئي، مثلاً دست اچن ۽ طبيت بدمزہ ٿي وڃي. (درمختار ج9 ص 560) ❖ بک کان گهٽ کائڻ بي شمار فائدن جو مجموعو آهي جو تقريباً 80 کان وڌيڪ بيماريون گهٽو کائڻ جي ڪري ٿيندون آهن. تنهنڪري اڃان بک ٿوري باقي هجي تہ هٿ روڪيو. ❖ اڪثر دسترخوان تي عبارت لکيل هوندي آهي(مثلاً شِعر يا ڪمپني جو نالو) اهڙي دسترخوان کي استعمال ڪرڻ، ان تي کاڌو کائڻ نہ کپي.(بهارِ شريعت جلد3 ص 420) ❖ کاڌو کائڻ کان پهريان ۽ کائڻ کان پوءِ ٻئي هٿ ڪرائين تائين ڌوئڻ سنت آهي. (عالمگير جلد5،ص237) ❖ فرمان مصطفٰي: "کائڻ کان پهريان ۽ کائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ (يعني ڪرائين تائين هٿ ڌوئڻ) رزق ۾ ڪشادگي ڪندو ۽ شيطان کي دور ڪندو آهي." (الفردوس بماسور الخطاب ج 2ص333حديث350) ❖ کاڌو کائڻ وقت جوتا لاهي ڇڏيو جو هن سان پير آرام ڪندا آهن. ❖ فرمان مصطفٰي "جڏهن توهان کاڌو کائڻ لڳو تہ پنهنجا جوتا لاهي ڇڏيو! ڇوتہ اهو توهان جي پيرن جي لاءِ راحت جو سبب آهي."(معجم اوسط ج2ص256حديث3202) ❖ کاڌو کائڻ مهل کابو پير

وچائي ڇڏيو ساڄو گوڏو اڀو ڪري ڇڏيو يا سرين پر ويهي رهو ۽ ٻئي گوڏا اڀا رکو. (مخلص از بهار شريعت ج 3 ص 378) يا ٻنهي پيرن جي پيٽ تي گوڏن پر ويهو. (احياءُ العلوم ج6ص5) ❖ اسلامي ڀاءُ هجي يا اسلامي ڀيڻ سيني جي لاءِ اهو مدني گل آهي ته جڏهن کاڌو کائڻ جي لاءِ ويهو ته چادر يا ڪرتي جي دامن جي ذريعي پردي ۾ پردو ضرور ڪيو. ❖ پاڄيءَ يا چٽڻي جي پيالي مانيءَ تي نه رکو. (رد المختار ج9ص562) ❖ متو اگهاڙو ڪري کائڻ ادب جي خلاف آهي. ❖ کاٻي هٿ کي زمين تي ٽيڪ ڏئي ڪري کاڌو کائڻ مڪروهه آهي. (بهار شريعت ج2ص377) ❖ نڪر جي ٿانوَ ۾ کائڻ افضل آهي ڇوجو جيڪو پنهنجي گهر ۾ نڪر جا ٿانوَ ناهرائيندو آهي ملائڪ ان گهر جي زيارت ڪرڻ ايندا آهن. (ردّالمحتار ج9ص566) ❖ دسترخوان تي سبزي هجي ته ملائڪ نازل ٿيندا آهن. (احياء العلوم ج2ص22) ❖ کاڌو شروع ڪرڻ کان پهريان هي دعا پڙهي ونو، جيڪڏهن کاڌي ۾ زهر به هوندو ته اِنْ شَآءَاللّٰه اثر نه ڪندو. اها دعا هي آهي "بِسْمِ اللّٰهِ وَ بِاللّٰهِ الَّذِیْ لَا یَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَ لَا فِی السَّمَآءِ یَا حَیُّ یَا قَیُّوْمُ ترجمو؛ الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نه ٿي پهچائي سگهي. اي هميشه کان زنده ۽ قائم رهڻ وارا- (فردوس الاخبار، ج1ص282حديث:١٩٥٥/ ٢٧۴) ❖ جيڪڏهن کاڌي جي شروع ۾ بِسْمِ اللّٰهِ پڙهڻ وسري وڃي ته ياد اچڻ تي بِسْمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ پڙهي ڇڏيو. ❖ اول آخر لوڻ يا نمڪين شيءِ کائو ڇو جو ان سان 70 هزار بيمارين دور ٿينديون آهن (ردّالمُحتار ج9ص562) ❖ ساڄي هٿ سان کائو، کاٻي هٿ سان کائڻ، پيئڻ، ڏيڻ، وٺڻ شيطان جو طريقو آهي.

اڪثر اسلامي پائر ڳِره تہ ساڄي هٿ سان ئي ڪائيندا آهن، پر جڏهن وات جي هينيان ڪاٻو هٿ رکندا آهن تہ ڪجهہ ذرا ان تي اچي ڪرندا آهن ۽ اهي ڪاٻي ئي هٿ سان ڦڪي ڇڏيندا آهن، اهڙي ئي طرح دسترخوان تي ڪريل ٽڪڙا ڪاٻي ئي هٿ سان ڪٽي ڪائيندا آهن، انهن کي ڳهرجي تہ اهي ڪاٻي هٿ وارا ٽڪڙا ساڄي هٿ ۾ رکي ڪري ئي وات ۾ وجهن. ❖ ڪاٻي هٿ ۾ ماني ڪٽي ساڄي هٿ سان ڳِره ٽوڙڻ تڪبر کي دور ڪرڻ جي لاءِ آهي.(فتاوٰي رضويه ج21ص229) هٿ وڏائي ٿال يا ٻاجيءَ واري ٿانوَ جي بلڪل وچ ۾ ماني يا ڊبل روٽي کي مٿي ڪري ٽوڙڻ جي عادت ٻڻايو، ائين ڪرڻ سان ماني جا ذرا يا ماني تي تِر هوندا تہ ٿانوَ ۾ ئي ڪرندا نہ تہ دسترخوان تي ڪري ضايع ٿي سگهن ٿا.(تِر شايد سونهن جي لاءِ مانيءَ تي لڳائيندا آهن، لهٰذا بغير تِر واري ماني ونڻ ئي بهتر آهي تہ جيئن تِر ڪِري ضايع نہ ٿين) ❖ ٽن آڱرن يعني وچ واري، شهادت جي ۽ آڱوٺي سان ڪاڌو ڪائو چو جو هي سنت انبياء آهي. جيڪڏهن چاورن جا داڻا الڳ الڳ هجن ۽ ٽن آڱرن سان ڳِره ٺاهڻ ممڪن نہ هجي تہ چار يا پنج آڱرن سان ڪائو.

❖ ڳِره ننڍو ڪٽو ۽ اهڙي طرح ڪائو جو ٻٽ ٻٽ جو آواز پيدا نہ ٿئي ايتري قدر چٻاڙيو جو غذا نرم ٿي وڃي، ائين ڪرڻ سان هضم بہ چڱي طرح ٿي ويندو. جيڪڏهن چڱي طرح چٻاڙڻ کانسواءِ ڳره ڳيهي ڇڏيندا تہ هضم ڪرڻ جي لاءِ معدي کي سخت تڪليف ڪٽڻي پوندي ۽ نتيجي ۾ طرح طرح جي بيمارين جو

منهن ڏسڻو پوندو. تنهنڪري ڏندن جو ڪم آندين کان نہ وٺو. ❖ هر هڪ يا ٻن گِرهن کانپوءِ "ياواجِدُ" پڙهڻ سان پيٽ ۾ نور پيدا ٿيندو آهي. ❖ فارغ ٿيڻ کانپوءِ پهريان وچ واري پوءِ شهادت جي آڱر ۽ آخر ۾ آڱوٺو ٿي ٿي پيرا چٽيو. سرڪاري مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کاڌو کائڻ کانپوءِ مبارڪ آڱرين کي ٽي پيرا چٽيندا هئا. (الشمائل المحمديه، للترمذي ص96حديث 133) ❖ ٿانو بہ چٽي وٺو. حديث پاڪ ۾ آهي: کائڻ کانپوءِ جيڪو شخص ٿانو چٽيندو آهي تہ اهو ٿانو ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، الله پاڪ توکي جهنم جي باھ کان آزاد ڪري جهڙي طرح تو مونکي شيطان کان آزاد ڪيو. (جمعُ الجوامع للسيوطي ج1ص 347) هڪ روايت ۾ آهي: تہ ٿانو ان جي لاءِ استغفار (يعني دعاءِ مغفرت) ڪندو آهي. (ابن ماجه ج4ص14حديث 3271) ❖ حجة الاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو (کاڌو کائڻ کانپوءِ) پيالي کي چٽيندو ۽ ڌوئي ڪري پي وٺي تہ ان کي غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي. ۽ ڪريل ٽڪرا کڻي کائڻ جنت جي حورن جو حق مهر آهي. (احياء العلوم ج2ص8) ❖ فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص کاڌي جي ڪريل ٽڪرن کي کڻي کائيندو آهي اهو ڪشادگي واري زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۾ خيريت رهندي آهي. (ايضاً) ❖ کائڻ کانپوءِ ڏندن جو خلال ڪيو. ❖ کائڻ کانپوءِ اول آخر درود شريف سان گڏ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَطْعَمَنَا وَ سَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسْلِمِیْن ترجمو: "الله جو شڪر آهي جنهن اسان کي کارايو، پيئاريو ۽ اسان

ڪي مسلمان بڻايائين“❖ جيڪڏهن ڪنهن ڪارايو هجي تہ هي دعا بہ پڙهو: اَللّٰهُمَّ اَطْعِمْ مَنْ اَطْعَمَنِیْ وَاسْقِ مَنْ سَقَانِیْ: اي الله پاڪ ان کي کاراءِ جنهن مونکي کارايو ۽ ان کي پيئار جنهن مونکي پيئاريو. (الحصن الحصن ص71) ماني کائڻ کان پوءِ سورة الاخلاص ۽ سورة قريش پڙهو. (احياء العلوم جلد 2 صفحو8) ❖ کاڌو کائڻ کان پوءِ هٿ صابڻ سان چڱي طرح ڌوئي توال وغيره سان صاف ڪري ڇڏيو. ❖ حجةالاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: کاڌو کائڻ کانپوءِ وضو (يعني ڪارائين تائين ٻئي هٿ ڌوئڻ) جنون کي دور ڪندو آهي. (ايضاًج2ص4)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو    سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو    ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد